امیرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهمُ الْعَالِیه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“
جي هڪ قسط مع ترميم ۽ اضافو

# انسانيت

## جي سڀ کان وڏي خدمت

سنڌي



ڳاڙهن اُٺن کان بهتر
هر بيماري جي لا، مدني نسخو
گناهن جا 06 علاج
سڀ کان پيارا عمل


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العاليہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڑھڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڑھڻ کان پھريان ھيٺ ڏنل دعا پڑھي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڑھندا ياد رھندو، دعا ھي آھي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنھنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)

(نوٽ: اول آخر ھڪ ھڪ ڀيرو درود شريف پڑھي ڇڏيو)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت


رسالي جو نالو: انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت

ڇاپو پھريون: رجب المرجب 1444ھ فيبروري 2023ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنھن کي بہ ھي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناھي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي ھجي يا صفحا گھٽ ھجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا ھجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيل مضمون

# انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت ........................... 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................... 1
نافرمانن سان ماڻهو نفرت ڪندا آهن ........................... 2
انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت ڪهڙي آهي؟ ........................... 3
سڄي دنيا کان بهتر ........................... 4
ٻاڙهن اُٺن کان بهتر ........................... 4
ٻاڙهن اٺن مان ڇا مراد آهي؟ ........................... 5
12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت جي برڪت سان ”ڪينسر“ ختم ٿي ويو! 6
ڪينسر جهڙي بيماري جي لاءِ مدني ........................... 7
گناهن جا 6 علاج ........................... 8
الله ڏسي رهيو ........................... 11
نفسياتي اثر ........................... 12
نيڪي جي دعوت جا پنج مدني گل ........................... 13
انفرادي ڪوشش ”نيڪي جي“دعوت جي روح آهي ........................... 14
”يا الله نرمي عطا ڪر“ جي 15 اکرن جي نسبت سان انفرادي ڪوشش جون 15 نيتون 14
مبلغ جي لاءِ اهم مدني گل ........................... 16
مسلسل انفرادي ڪوشش جو نتيجو ........................... 16
آيت سڳوري جو تفسير ........................... 20
سڀ کان پيارا عمل ........................... 21
اي ڪعبہ تنهنجي فضا ڪيڏي نہ سٺي ........................... 22
جهنم جي هنياءُ ڏاريندڙ ڪيفيت ........................... 23

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# انسانيت جي سيپ ڪان وڏي خدمت[1]

## دُرُود شريف جي فضيلت

ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي مرڻ کان بعد خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو. پڇيائين: ڪهڙي سبب؟ فرمايائين: مان هڪ محدث صاحب (يعني حديث شريف جو علم ڄاڻڻ واري) وٽ حديث پاڪ لکندو هيس، انهن نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙهيو ته مون بلند آواز سان درودِ پاڪ پڙهيو پڻ حاضرين ٻڌو ته انهن به درودِ پاڪ پڙهيو ته الله پاڪ انهيءَ جي برڪت سان اسان سيني کي بخشي ڇڏيو آهي.

(القول البديع، ص254)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" مان ڪنيل مضمون

## نافرمانن سان ماڻهو نفرت ڪندا آهن

گناهه ڪرڻ پنهنجي جهانن جي لاءِ نقصان ۽ خساري جو سبب آهي ۽ ماڻهن جي دلين مان بہ گنهگارن جو احترام نڪري ويندو آهي، انهي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 853 صفحن جي ڪتاب ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ جلد اوّل صفحي 66 کان 67 تي ”نيڪي جي دعوت“ جي مدني گلن سان مهڪندڙ 6 روايتون ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ اُمُّ المُومِنِين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا حضرت امير مُعاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڏي خط موڪليو: اَمَّا بَعد (يعني حمد ۽ صلوٰة کان بعد) جڏهن ٻانهو الله پاڪ جي نافرماني جو ڪو عمل ڪندو آهي تہ ان جي واکاڻ ڪرڻ وارا ان جي مذمت ڪرڻ لڳندا آهن. (الزھد للامام احمد بن حنبل ص186 حديث 917) ﴿2﴾ حضرت ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: انهي ڳالهہ کان ڊڄو تہ مؤمنن جي دل توهان سان نفرت ڪرڻ لڳي ۽ توهان کي ان جي خبر بہ نہ پئي. (الزھد لابي داؤد ص 205 رقم 229) ﴿3﴾ حضرت فُضَيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو ٻانهو تنهائي ۾ الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي الله پاڪ مؤمنن جي دلين ۾ ان جي لاءِ پنهنجي ناراضگي ائين داخل ڪندو آهي جو ان کي خبر بہ ناهي پوندي ﴿4﴾ امام محمد بن سِيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن مقروض ٿيا ۽ انهن کي قرض سبب شديد غم لاحق ٿيو تہ فرمايائون: مان پنهنجي هن غم جو سبب چاليهہ سال پراڻو سرزد ٿيل گناهہ سمجهان ٿو. (حِلية الاولياء ج 2 ص 307 رقم 2334) ﴿5﴾ حضرت سُليمان تَيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهو لڪي ڪري ڪو گناهہ ڪندو آهي تہ انهي سبب ان تي ذلت مُسلط ٿيندي آهي.(ڪتاب التوبة مع موسوعة ابن ابي الدنيا ج 3 ص 424 رقم 90) ﴿6﴾ حضرت يحيٰي بن مُعاذ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون کي ان عاقل تي تعجب آهي جيڪو پنهنجي دعا ۾ تہ هي چوندو آهي تہ ياالله! مون

ڪي مصيبت ۾ مبتلا ڪري منهنجي دشمنن کي خوش نہ ڪجان، حالانڪ دشمن کي پنهنجي مصيبت تي خوش ڪرڻ جا سبب هُو پاڻ پيدا ڪري ٿو، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه کان پڇا ڪئي وئي: اهو ڪيئن؟ تہ جواب ۾ فرمايائون: هُو الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي ۽ انهي طرح قيامت جي ڏينهن پنهنجي دشمنن کي خوش ڪندو.

(الزواجر عن اقتراف الکبائر ج1 ص29-30)

یہاں بھی دے عزّت وہاں بھی دے عزّت
الٰہی! پئے مصطفٰے جانِ رَحمت

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت ڪهڙي آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ انهن کي گناهن کان بچائڻ بہ يقيناً وڏي نفعي وارو ڪم آهي، بيماري، بيروزگاري، قرض وغيره پريشانين جي موقعي تي اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکويل اُمت جي حاجت پوري ڪرڻ بہ بيشڪ نيڪ ڪم آهي ۽ هن ۾ جنّت جي حقداري آهي پر **انسانيت جي سڀ کان وڏي خدمت هي آهي تہ انهن کي جهنم کان بچائڻ جي تدبير ڪئي وڃي.** هي انسان کي پهچائڻ وارو سڀ کان وڏو نفعو آهي، منقول آهي: بہ خصلتون اهڙيون آهن جو انهن کان افضل ڪا خصلت ناهي: ﴿1﴾ الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ ﴿2﴾ مسلمان کي نفعو پهچائڻ، ۽ بہ خصلتون اهڙيون آهن جو ان کان وڌيڪ بري خصلت ناهي: ﴿1﴾ الله پاڪ سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ٺهرائڻ ﴿2﴾ مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ.

(المنبہات ص3)

کروں یاخدا مومنوں کی میں خدمت
نہ پہنچے کسی کو بھی مجھ سے اَذِیَّت

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڄي دنيا کان بهتر

رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايو: اي علي! الله پاڪ توهان جي ذريعي ڪنهن شخص کي سنئين راهه تي آڻي ته هي توهان جي لاءِ ان تمام شين کان افضل آهي جنهن تي سج طلوع ٿيندو آهي. (يعني دنيا جي تمام شين کان بهتر آهي)

(المعجم الكبير للطبراني ج1 ص332 حديث994)

## ڳاڙهن اُٺن کان بهتر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهو اوهان جي نيڪي جي دعوت سبب صرف هڪ شخص عشق رسول جو جام پيتو، راهِ هدايت حاصل ڪئي، ان کي دعوت اسلامي جو ديني ماحول پسند اچي ويو، اهو سنت جي راهه تي اچي ويو، نمازن جو پابند بڻجي ويو، پاڻ کي نيڪ ٻانهو بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اوهان جو به ٻيڙو پار ٿي ويندو، هڪ روايت ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن الله پاڪ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي ته هي توهان جي لاءِ ان کان سنو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن.

(صحيح مسلم ص1311 حديث2406)

## ٻاڙهن اٺن مان ڇا مراد آهي؟

حضرت علامه يحيٰ بن شرف نَوَوِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڳاڙها اُٺ عرب وارن جو قيمتي مال سمجهيو ويندو هو، انهيءَ ڪري ضَرۡبُ الۡمَثَل (يعني چوٽي) طور ڳاڙهن اُٺن جو ذڪر ڪيو ويو. اُخروي امور کي دنيا جي شين سان تَشۡبِيه (يعني مثال) ڏيڻ صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي، نه ته حقيقت هي ئي آهي ته هميشه باقي رهڻ واري آخرت (جي نعمت) جو هڪ ذرو به دنيا ۽ ان جهڙيون جيتريون دنياوُن تصور ڪيون وڃن، ان سڀ کان بهتر آهي.

(شرح مسلم للنووي ج15ص178)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني هڪ ڪافر کي مسلمان بڻائڻ دنيا جي تمام دولت کان به بهتر آهي بلڪ ڪافر کي قتل ڪرڻ کان بهتر (هي) آهي ته ان کي مائل ڪري مسلمان ڪيو وڃي ته (الله چاهيو ته) ان سان سندس (اينده) سڄو نسل مسلمان ٿيندو.

(مراٰة المناجيح ج8ص416)

مُبلّغ بنوں کاش! میں سُنّتوں کا

سَدا دِیں کی خدمت کروں یہ دُعا ہے

(وسائلِ بخشش ص ۳۳۲)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# 12 مهينن جي مدني قافلي جي نيت جي برڪت سان ”ڪينسر“ ختم ٿي ويو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جو جذبو وڌائڻ، سنتن تي عمل ڪرڻ، نيڪين جو ثواب ڪمائڻ، دل ۾ عشق رسول جي شمع جلائڻ جي لاء عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان لاڳاپيل رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي ”نيڪ اعمال“ جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”جائزو“ وٺي ڪري نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: **لاهور** جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ تقريباً ٽن سالن کان منهنجي امڙ سائڻ ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا هئي، هر ٻن مهينن کان پوءِ سندن ٽيسٽ ٿيندا هئا، امڙ سائڻ جي وڌندڙ مرض ۽ روز روز ڊاڪٽر وٽ چڪر لڳائڻ جي پريشاني مون کان برداشت نہ پئي ٿي، ائين رمضان المُبارَڪ (1430ھ) جي تشريف آوري ٿي. مون عاشقان رسول جي صحبت ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اتي پنهنجي امڙ سائڻ جي لاء خوب دعائون ڪيون ۽ ديني ماحول جي برڪت سان عاشقان رسول سان

ڳڌ 12 مهينن جي مدني قافلي جي نيّت به ڪئي 21 رمضان المبارڪ جي ڏينهن تي امڙ سائڻ جا ٽيسٽ ٿيا ۽ ٻه ڏينهن کان پوءِ جڏهن رپورٽون مليون ته اهي پڙهي منهنجي خوشيءَ جي انتها نه رهي ڇو ته رپورٽون بلڪل نارمل هيون ۽ ٽن سالن کان ڪينسر جو مرض جيڪو امڙ جي جان نه پيو ڇڏي اهو اَلْحَمْدُ لِلّٰه! منهنجو حسن ظن آهي ته 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت جي برڪت سان ختم ٿي چڪو هو.

## ڪينسر ۽ ٻيماري جي لاءِ مدني

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ڪينسر جيڪو ڊاڪٽرن وٽ لاعلاج مرض سمجهيو وڃي ٿو، الله پاڪ جي رحمت سان دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ ان جو علاج ٿي ويو، اچو! ڪينسر، شوگر، T.B دل ۽ گردي جا مرض بلڪ هر مرض جي علاج جي لاءِ هڪ مدني نسخو ٻڌون ٿا، حضرت وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب ۾ آهي ته سحر زده (يعني جنهن تي ڪنهن جادو ڪرايو هجي اهو) شخص ٻير جي وڻ مان 7 ساوا پن پٽي انهن کي ٻن پٿرن جي وچ ۾ (مثلاً پٿر جي روهي تي رکي ٻي پٿر سان) ڪُٽي وٺي، پوءِ انهن کي پاڻي ۾ ملائي ڪري آيةُ الڪرسي ۽ چار قل پڙهي دم ڪري، پوءِ ان پاڻي مان 3 ڍُڪ پي ڪري باقي مان غسل ڪري ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان سان بيماري ختم ٿي ويندي، هي عمل ان شخص جي لاءِ (به) نهايت مفيد آهي جنهن کي (جادو جي ذريعي) گهرواريءَ کان روڪيو ويو هجي.

(جامع معمر بن راشد مع مصنف عبدالرزاق ج10 ص77، رقم 19933)

قسمت میں لاکھ پیچ ہوں سو بل ہزار کج

یہ ساری گتھی اِک تِری سیدھی نظر کی ہے

(حدائقِ بخشش ص 227)

شرح ڪلام رضا: هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قسمت ۾ چاهي ڪيتريون به الجهنون، ۽ پريشانيون لڪيل هجن، اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بس لطف ۽ ڪرم جي هڪ مبارڪ نظر فرمايو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تقدير جون ڳنڍيون کلي وينديون ۽ رڪاوٽون ختم ٿي وينديون.

تاجِ شاہی کامیں نہیں طالِب
کر دو رحمت کی اِک نظر آقا

(وسائلِ بخشش ص350)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گناهن جا 6 علاج

اسان جي بزرگان دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي ”نيڪي جي دعوت“ ڏيڻ جو هڪ پنهنجو انداز هوندو هو جيئن **حضرت** ابراهيم بن اَدهَم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: سائين! مون کان تمام گهڻا گناهه ٿين ٿا، براء ڪرم! **گناهن جو علاج** ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **پهرين نصيحت** ڪندي فرمايو: جڏهن گناهه ڪرڻ جو پڪو ارادو ٿي وڃي ته الله پاڪ جو رزق کائڻ ڇڏي ڏيو. ان شخص حيرت وچان عرض ڪيو: سائين! توهان ڪهڙي نصيحت فرمائي رهيا آهيو! ائين ڪيئن تو ٿي سگهي؟ جڏهن ته رزاق ئي اهو آهي ته مان ان جي روزي ڇڏي پلا ڪنهن

جي ڪائيندس! تہ پاڻ فرمايائون: ڏسو! ڪيڏي نہ خراب ڳالھ آھي جو جنھن پروردگار جي روزي ڪائين ان جي ئي نافرماني ڪندو رھين!. وري **ٻي نصيحت** فرمائي: جڏھن بہ گناھ جو ارادو ٿي تہ اللّٰہ پاڪ جي ملڪ کان ٻاھر نڪري وڃ. ان عرض ڪيو: حُضور ھي بہ ڪيئن ٿو ٿي سگھي! سڄو اولھہ، اوڀر، اتر، ڏکڻ، ساڄي، کاٻي، ھيٺ، مٿي، مطلب تہ جيڏانھن بہ وڃان اتي اللّٰہ پاڪ ئي جو ملڪ آھي. اللّٰہ پاڪ جي ملڪ کان ٻاھر نڪرڻ جي ڪا صورت ئي ناھي. فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نہ خراب ڳالھ آھي جو اللّٰہ پاڪ جي ملڪ ۾ بہ رھين ۽ پوءِ ان جي نافرماني بہ ڪرين. **ٽين نصيحت** ھي ارشاد فرمايائون: جڏھن پڪو ارادو ٿي وڃي تہ بس ھاڻي گناھ ڪرڻو ئي آھي تہ پاڻ کي ايترو لڪاءِ جو اللّٰہ پاڪ ڏسي نہ سگھي. عرض ڪيائين: حضُور! ھي ڪيئن ممڪن آھي، جو اللّٰہ پاڪ مون کي نہ ڏسي سگھي، ھو تہ دلي حالتن کان بہ باخبر آھي، تہ فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نہ خراب ڳالھ آھي جو جڏھن تون اللّٰہ پاڪ کي سميع ۽ بصير بہ مڃين ٿو ۽ ھي بہ يقين سان چئي رھيو آھين تہ مون کي ھر گھڙي اللّٰہ پاڪ ڏسي رھيو آھي پوءِ بہ گناھ ڪندو رھين ٿو. **چوٿين نصيحت** اھا ارشاد فرمايائون: جڏھن مَلَڪُ المَوت حضرت عزرائيل عليه السّلام تنھنجو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ اچي تہ ان کي چئي ڇڏجانءِ تہ ٿوري مھلت ڏيو تہ مان توبھہ ڪري وٺان. ان شخص عرض ڪيو: سائين! منھنجي ڪھڙي اوقات؟ منھنجي ڪير ٻڌندو؟ موت جو وقت مقرر آھي ۽ مون کي ھڪ گھڙيءَ جي بہ مھلت نہ ملي سگھندي ۽ فوراً منھنجو روح قبض ڪيو ويندو. فرمايائون: جڏھن تون اھو ڄاڻين بہ ٿو تہ مان بي اختيار آھيان ۽ توبھہ جي

مهلت حاصل نہ ٿو ڪري سگهان تہ في الحال جيڪو وقت تو وٽ آهي ان کي غنيمت سمجهي مَلَڪُ المَوت حضرت عزرائيل عَلَيهِ السَّلام جي اچڻ کان اڳ ۾ توبھ ڇو نہ ٿو ڪري وٺين؟ پوءِ **پنجين نصيحت** هيءَ فرمائي تہ جڏهن تون مري وڃين ۽ قبر ۾ مُنڪَر نَڪِير اچن تہ انهن کي قبر مان هٽائي ڇڏجانءِ. ان عرض ڪيو: سرڪار! هي ڇا ٿا فرمايو! مان انهن کي ڪيئن هٽائي سگهندس؟ مون ۾ ايتري طاقت ڪٿي! پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ارشاد فرمايائون: جڏهن تون مُنڪَر نَڪِير کي هٽائي بہ نہ ٿو سگهين تہ انهن جي سوالن جا جواب ڏيڻ جي تياري هاڻي کان ئي شروع ڇو نہ ٿو ڪري ڇڏين؟ ڇهين ۽ **آخري نصيحت** ڪندي فرمايائون: جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن توکي جهنم جو حڪم ٻڌايو وڃي تہ چئي ڇڏجانءِ "مان نہ ٿو وڃان". ان عرض ڪيو: حضور! اتي تہ ڪِهلي جهنم ۾ ڦِٽو ڪيو ويندو، تہ فرمايائون: جڏهن تنهنجو اهو حال آهي جو تون الله پاڪ جي روزي کائڻ کان بہ نٿو مڙين، ان جي ملڪ کان ٻاهر بہ نہ ٿو نڪري سگهين، ان کان نظر بہ نہ ٿو بچائي سگهين، مُنڪَرنَڪِير کي بہ هٽائي نٿو سگهين ۽ جهنم جي عذاب جو جيڪڏهن حڪم ٿي وڃي تہ ان کي بہ ٽاري نہ ٿو سگهين تہ پوءِ گناھ ڪرڻ ئي ڇو نٿو ڇڏي ڏين. ان شخص تي ابراهيم بن ادهم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي ڪيل ڇهہ نصيحتن تمام گهڻو اثر ڪيو، زارو قطار روئيندي ان پنهنجي تمام گناهن کان سچي توبھ ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين توبھ تي قائم رهيو.

## اللّٰہ ڏسي رهيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ تجويز ڪيل گناهن جا 6 علاج نهايت مؤثِر آهن، گناهه جو ارادو ٿيڻ تي جيڪڏهن انهن کي سامهون رکيو وڃي ته گناهن کان بچڻ جو نهايت زبردست سامان ٿي سگهي ٿو يقيناً صرف اها ڳالهه ذهن ۾ راسخ (يعني پڪي) ٿي وڃي ته ”اللّٰہ ڏسي رهيو آهي“ ته انسان گناهن جي ويجهو به نه وڃي، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي رسالي”گناهن جو علاج“ صفحي 9 کان 10 تي آهي: واقعي جيڪڏهن ڪو پنهنجي اندر هي احساس اُجاگر ڪري ته گناهه ڪرڻ وقت منهنجو پالڻهار پروردگار مون کي ڏسي رهيو آهي، ڪوڙ ڳالهائيندي فوراً خيال اچي وڃي ته مان ڪوڙ ڳالهائي ٻانهي کي ته دوکو ڏئي رهيو آهيان ۽ هي ويچارو به مون کي سچو سمجهي رهيو آهي پر اللّٰہ ته مون کي ڏسي رهيو آهي. جي ها! اللّٰہ تعاليٰ تي هر هڪ جي نيّت ظاهر آهي، جيئن ته سيپاري 24 سورة المؤمن آيت نمبر 19 ۾ آهي:

يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِي الصُّدُوۡرُ ﴿۱۹﴾

(پ24،المومن:19)

ترجموڪنزالايمان: اللّٰہ ڄاڻي ٿو چوري ڇپ جي نگاهه ۽ جو ڪجهه سينن ۾ لڪل آهي.

حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني نگاهن جي خيانت ۽ چوري نامحرم کي ڏسڻ ۽ ممنوعات تي نظر وجهڻ آهي، اللّٰہ تعاليٰ جي علم ۾ آهي.

(خزائن العرفان ص866)

# نفسياتي اثر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو وڃي ته انسان کي انسان ڪان ڏاڍو خوف ٿيندو آهي. مثلاً والدين يا استاد جي آڏو گاريون ڏيڻ ڪان ڊڄندا آهيون. پر افسوس الله پاڪ ڪان ايترو نه ٿا ڊڄون جيترو ان ڪان ڊڄڻ جو حق آهي. جيڪڏهن ڪو رعب دار شخص سامهون هجي ته ان ڪان ايترو ڊڄندا آهيون جو آواز به ناهي نڪرندو، ان جي نماڻي انداز سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اي ڪاش! الله پاڪ جو خوف اسان جي دلين ۾ ويهي وڃي، هر وقت ان جي خوف جو غلبو رهي ۽ اسان جيئن ماڻهن جي سامهون بُرا ڪم ڪرڻ پسند ناهيون ڪندا اهڙي طرح اڪيلائي ۾ به بچندا رهون. اي ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! اسان جي ذهن ۾ هر وقت هيءَ ڳالهه ويٺل هجي ته الله پاڪ اسان کي ڏسي رهيو آهي ۽ ائين اسان پنهنجي گناهن جو علاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

چُھپ کے لوگوں سے کئے جس کے گناہ — وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے
ارے او مجرم بے پروا دیکھ — سر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے

(حدائق بخشش 167)

شرح ڪلام رضا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هنن شعرن ۾ هڪ مخصوص انداز ۾ نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي آهي جيئن ته انهن شعرن جو مفهوم آهي: ﴿1﴾ اي گناهه ڪرڻ وارا! تو ماڻهن ڪان ته پنهنجا گناهه لڪائي ورتا پر اهو وساري ڇڏي ته جنهن پروردگار جون نافرمانيون ڪيون آهن اهو تنهنجي ان ڪارنامن ڪان واقف آهي، هاڻي غور ته ڪر محشر ۾ تنهنجو ڇا ٿيندو! ﴿2﴾ اي غفلت شِعار مجرم! هوش ڪر! تنهنجي مٿان موت جي تلوار هر وقت لٽڪي رهي

آهي خدا کان ڊڄ! گناهن کان پاسو ڪر، جيڪڏهن تون لاپرواهي سان گناهن ڀري زندگي گذاري مري وئين ته تنهنجو ڇا ٿيندو!

زندگی کی شام ڈھلتی جارہی ہے ہائے نفس! گرم روز و شب گناہوں کا بس بازار ہے
مجرموں کے واسطے دوزخ بھی شعلہ بار ہے ہر گنہ قصداً کیا اسکا بھی اقرار ہے
بندۂ بدکار ہوں بے حد ذلیل و خوار ہوں مغفرت فرما الٰہی! تو بڑا غفّار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت جا پنج مدني گل

هڪ ڊگهي حديث پاڪ ۾ هي به آهي: حضرت ابو ذر غِفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي صحيفن ۾ ڇا آهي؟ **فرمايائون:** انهن سيني ۾ عبرت جون ڳالهيون هيون ته (1) تعجب آهي ان شخص تي جيڪو موت جو يقين رکڻ جي باوجود به خوش ٿيندو آهي. (2) تعجب آهي ان تي جيڪو جهنّم جو يقين رکڻ جي باوجود به کلندو آهي. (3) تعجب آهي ان تي جيڪو تقدير تي يقين رکڻ جي باوجود به (دنيا جي لاءِ) پاڻ کي ٿڪائيندو آهي. (4) تعجب آهي ان تي جيڪو دنيا ۽ ان جي تبديلين کي ڏسندو آهي پوءِ به ان تي مطمئن ٿي ويندو آهي. ۽ (5) تعجب آهي ان تي جنهن کي يقين آهي ته سڀاڻي ان کي حساب ڏيڻو آهي پوءِ به (نيڪ) اعمال نٿو ڪري.

(الاحسان بترتیب صحیح ابن حِبان ج1 ص288 حدیث362

## انفرادي ڪوشش ”نيڪي جي“ دعوت جي روح آهي

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جي روح **”انفرادي ڪوشش“** آهي جنهن مسلمان کي نيڪي جي دعوت پيش ڪرڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪرڻي هجي ان جي لاءِ هي ذهن ٺاهيو وڃي ته مان جنهن سان ملڻ لڳو آهيان اهو هڪ مسلمان آهي، مسلمان چاهي ڪيترو ئي گنهگار هجي پر ايمان جي دولت سان مُشرَّف هجڻ جي ڪري سندس هڪ مرتبو آهي ۽ منهنجو ان سان ملڻ به الله پاڪ جي دين جي سر بلندي ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ آهي، انهي نيت سان منهنجو ملڻ عبادت جو درجو رکي ٿو، جيڪڏهن انهن نيتن سان ملاقات ڪندؤ ته ان موقعي تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! رحمتن جو نزول ٿيندو ۽ برڪتون ملنديون، هڪ خاص مدني گل هي به ذهن ۾ رهي ته ان جي عيبن جي کوجنا ۾ نه پئو، اهڙي ڳالهه نه ڪيو جيڪا ان جي سمجهه ۾ نه اچي ۽ مشڪل مسئلا بيان نه ڪيو.

## ”يا الله نرمي عطا ڪر“ جي 15 اکرن جي نسبت سان انفرادي ڪوشش جون 15 نيتون

انفرادي ڪوشش ڪندي موقعي مناسبت سان بيشمار نيتون ڪري سگهجن ٿيون، انهن مان 15 پيش ڪجن ٿيون:

﴿1﴾ الله پاڪ جي رضا خاطر نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪيان ٿو ﴿2﴾ سلام ۽ سلام جي جواب کان پوءِ گرم جوشيءَ سان هٿ ملائيندس ﴿3﴾ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! چئي درودشريف پڙهندس ۽ پڙهائيندس ﴿4﴾ جيئن ته سامهون واري جي چهري تي نگاهه رکي گفتگو ڪرڻ سنت ناهي تنهن ڪري ڪوشش ڪري

هيٺ نگاهون ڪري ڳالهه ٻولهه ڪندس (هيٺ نگاهون ڪري نيڪي جي دعوت جو فائدو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! ڪيئي درجا وڌي ويندو) ﴿5﴾ سنت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان مسڪرائي ڪري ڳالهه ڪندس ﴿6﴾ ٺوڪبازي ۽ غير سنجيده گفتگو کان بچندس ﴿7﴾ سامهون واري جي نفسيات مطابق گفتگو جي ڪوشش ڪندس ﴿8﴾ مشڪل مسئلا بيان ڪري ان کي ڳڻتي ۾ نہ وجهندس﴿9﴾ بلا ضرورت موجوده سياست ۽ دهشت گردي وغيره جو تذڪرو نہ ڪندس ﴿10 کان 12﴾ سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت، مدني قافلي ۾ سفر ۽ نيڪ اعمال تي عمل جو ذهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس ﴿13﴾ نئين اسلامي ڀاءُ کي هڪدم ڏاڙهي ۽ عمامي سجائڻ جي تاڪيد بدران نماز جي فضيلت وغيره ٻڌائيندس (ها جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو اهو ”شيوڊ“ آهي ظن غالب آهي تہ ان کي ڏاڙهي وڌائڻ جو چوندس تہ مڃي وٺندو تہ ان کي ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان منع ڪرڻ واجب ٿي ويندو، پر عام طور تي نئين اسلامي ڀاءُ تي”ظن غالب هجڻ“ مشڪل هوندو آهي، عمل جي جذبي جي ڪمي جو دور آهي نئين اسلامي ڀاء کي ڏاڙهي رکڻ جو اصرار ڪرڻ تي ٿي سگهي ٿو آينده اهو اوهان کان پاسو ڪري) ﴿14﴾ سامهون واري جو لهجو جيڪڏهن ناگوار يا طنز وارو هجي تہ سمجهي وڃڻ جي باوجود هن جو ان تي اظهار ڪرڻ بدران صبر ۽ نرمي سان عاجزي واري انداز ۾ ڳالهه جاري رکندس﴿15﴾ جيڪڏهن انفرادي ڪوشش جو سٺو نتيجو سامهون آيو تہ الله پاڪ جو ڪرم سمجهندس ۽ شڪر الٰهي بجا آڻيندس، ۽ جيڪڏهن ڪا ناخوشگوار ڳالهه لڳي تہ سامهون واري کي سخت دل وغيره سمجهڻ بدران ان کي پنهنجي اخلاص جي گهٽتائي تصور ڪندس.

## مبلغ جي لاءِ اهم مدني گل

حوصلو وڏو رکڻ گهرجي، ناڪامي تہ ڪنهن صورت ۾ ئي ناهي چوتہ سٺي نيت جي صورت ۾ نيڪي جي دعوت تي مشتمل انفرادي ڪوشش وارو آخرت جي ثواب جو حقدار تہ ٿي ئي ويندو آهي، حُجَّةُ الاِسلام امام محمّد بن محمّد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل فرمائن ٿا: ڪنهن بزرگ پنهنجي فرزند کي نصيحت جا مدني گل عنايت ڪندي فرمايو: نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري کي گهرجي تہ پاڻ کي صبر جو عادي بڻائي ۽ الله پاڪ جي طرفان نيڪي جي دعوت تي ملڻ واري ثواب تي يقين رکي، جنهن کي ثواب جو پڪو يقين هجي ان کي هن مبارڪ ڪم ۾ تڪليف محسوس ناهي ٿيندي.

(احیاءُالعلوم ج2ص410)

میں نیکی کی دعوت کی دھومیں مچاؤں
بدی سے بچوں اور سب کو بچاؤں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسلسل انفرادي ڪوشش جو نتيجو

سيالڪوٽ، (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن طرح آهي تہ نيڪي جي راهہ تي هلڻ کان اڳ منهنجي حالت ڏاڍي خراب هئي، منهنجو سڄو وجود گناهن سان ڀريل هو، ماڻهن سان جهڳڙي وغيره جي لاءِ مون الڳ گروپ بڻائي رکيو هو، منهنجي بدڪلامي ۽ فحش گوئي سان منهنجي اسڪول جا شاگرد، استاد ۽ هيڊ ماستر وغيره سڀ پريشان هئا، رستي تان لنگهندي بدنگاهي ڪرڻ منهنجو معمول هو، نہ صرف عشق مجازي ۾

گرفتار هيس بلڪ مَعاذَالله اهڙين خراب حرڪتن جو مرتڪب هيس جنهن کي بيان ڪرڻ جي هاڻي همت ناهي، شرعي معلومات سان ناواقف هجڻ جي ڪري مان ايترو به نه ڄاڻندو هيس ته فرض غسل ڪيئن لهي ٿو ۽ رَمضانُ المبارڪ ۾ وڏا وڏا گنهگار به پنهنجا گناهن جو سلسلو ختم ڪري الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويندا آهن پر افسوس صد افسوس! مان رَمضانُ المبارڪ ۾ به بازارن جي زينت بڻيل هيس، ۽ بدنگاهي جي ذريعي پنهنجي قلبِ سياهه جي تسڪين جو سامان ڪندو هيس، منهنجون عيدون پارڪن ۾ 12 ربيع النّور شريف جو مبارڪ ڏينهن بازارن ۾ مختلف تفريح گاهن ۾ گذرندو هو، جڏهن بسنت ايندي هئي ته سڄي رات پنهنجي گروپ سان بسنت ملهائڻ وارن جيان پيلو لباس پائي راڳ رنگ جي محفلن ۾ مشغول رهندو هيس، الله پاڪ جي ياد کان غفلت جو هي عالم هو جو مهينن جا مهينا ٿي ويندا هئا ته مسجد جو رخ نه ڪندو هيس، منهنجو والد صاحب هڪ نمازي ۽ پرهيزگار شخص هو، هو تمام گهڻي وعظ ۽ نصيحت ڪندو هو پر مون تي ڪو اثر نه ٿيندو هو، منهنجي گناهن جي نحوست ايتري گهڻي هئي جو جيڪو منهنجي صحبت اختيار ڪندو هو اهو به گناهن جو عادي ٿي ويندو هو، پنهنجي انهن ڪارن ڪرتوتن جي سبب مان سڀني جي نظرن ۾ قابل نفرت بڻجي ويو هيس، آخرڪار منهنجي قسمت ائين بدلي جو هڪ ڏينهن مسجد جي ويجهو کان گذرندي هڪ عاشق رسول مون کي نماز جي دعوت ڏني، منهنجي انڪار ڪرڻ تي ان اصرار ڪيو ۽ منهنجو هٿ پڪڙي مون کي محبت سان مسجد ۾ وٺي ويو، جڏهن نماز کان فارغ ٿيس ته هڪ اسلامي ڀاءُ درس شروع ڪيو، مان به ان ۾ شريڪ ٿي ويس، درس جي دوران مون الله پاڪ رحمت

۽ مغفرت جي باري ۾ حڪايتون ٻڌيون تہ مون کي ڪجهہ حوصلو مليو، درس کان پوءِ جڏهن اسلامي ڀائرن وڏي محبت واري انداز سان مون کي نيڪي جي دعوت ڏني تہ منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، ڇوتہ عقل ۽ شعور اچڻ کان پوءِ منهنجي زندگي جو هي پهريون موقعو هو جو مون جهڙي قابل نفرت شخص کي ڪنهن ايڏي محبت ڏني، مون تي انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري پنهنجي هم عمر مبلغ سان پنهنجي گناهن جو افسانو بيان ڪيو تہ ان رحمتن ڀري ڳالهين سان ڪجهہ ائين حوصلو وڌايو جو منهنجي دل مطمئن ٿي وئي تہ نہ نہ منهنجي لاءِ توبہ جو دروازو بند ناهي ٿيو، الله پاڪ بخشڻ وارو مهربان آهي پوءِ مون پنهنجي سيني گناهن کان توبہ ڪئي. منهنجي زندگي جو پهريون ڏينهن هو جو مون پهريون ڀيرو پنج ئي نمازون ادا ڪيون، پوءِ سالاني امتحان کان پوءِ موڪليون ٿيون تہ منهنجو هي معمول ٻڻجي ويو تہ ان عاشق رسول سان صبح جو مسجد ويندو هيس تہ تقريباً ٻارهن وڳي تائين نماز جا مسئلا ۽ سنتون سکڻ سيکارڻ جو سلسلو جاري رهندو، ڪجهہ عرصي کان پوءِ شيطان چال هلي ۽ مون کي ڪجهہ اهڙن نادان دوستن جي صحبت ملي جنهن مون کي ان مبلغ دعوت اسلامي سان بدظن ڪري ڇڏيو، افسوس! مان پنهنجي محسن ۽ خير خواهہ کي پنهنجو دشمن ۽ بدخواهہ سمجهي وينس ۽ هڪ عاشق رسول جون غيبتون ٻڌڻ جي ڪري سٺي صحبتون ڇڏي ڪري تقريباً هڪ سال تائين ٻيهر برن ماڻهن جي سنگت ۾ گرفتار ٿي ويس، ۽ ان دوران مان ٻيهر ساڳيون حرڪتون ڪرڻ لڳس، پر سرڪار غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي غلامي مقدر ۾ لکيل هئي، تنهڪري قسمت وري ساٿ ڏنو، ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن فيڪٽري مان ڇٽي ڪري واپس

موٽي رهيو هيس ۽ عادت مطابق پريشان نظري جو شڪار، بدنگاهي ۾ گرفتار، راهه هلندڙ ماڻهن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندو وڃي رهيو هيس جو اوچتو منهنجي نظر سفيد لباس ۾ ملبوس، سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي، حيا سان پنهنجون نظرون جهڪائي پنهنجي طرف ايندڙ هڪ عاشق رسول تي پئي، ان جي چهري تي تقويٰ جو نور ڏسي مون کي پنهنجي گناهن تي ندامت ٿيڻ لڳي، مون ان سان ملاقات ڪئي ته هو نهايت گرم جوشي سان مليو، انهن سان تعارف ٿيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ان جي صحبت ۾ رهڻ لڳس، ان اسلامي ڀاءُ جي نمازن تي استقامت قابل رشڪ هئي، دعوت اسلامي جي باري ۾ منهنجو حسنِ ظن وري قائم ٿي ويو، اهو اسلامي ڀاء مون کي بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع ۾ به پاڻ سان گڏ وٺي ويو، اجتماع کان واپسي تي منهنجي مٿي تي سفيد ٽوپي هئي، بعد ۾ عمامو به سجائي ورتو، ۽ هي سٽون لکڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه باب ڪراچي ۾ قافلہ ڪورس ڪري رهيو آهيان.

مُعترِف ہوں گناہ کرنے میں | کوئی چھوڑی نہیں کسر آقا
پھنس گیا ہوں گنہ کی دلدل میں | ہو کرم شاہِ بحر و بر آقا
میں گنہگار ہوں مگر قرباں | تیری رحمت کی ہے نظر آقا

(وسائل بخشش ص ۳۵۰،۳۵۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! هر هر گناهه ۾ ٻوڙ وارو آخرڪار دعوت اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان سنئين واٽ تي

اچي ويو، يقيناً سيئي گناهه قابلِ ترڪ آهن انهن ۾ ڪا پلائي ناهي، گناهن کان بچڻ وارن جي حوصله افزائي ۽ پنهنجي عبادتن جي تعريف سان بچڻ جي تلقين تي مشتمل قرآني "نيڪي جي دعوت" ملاحظ ڪيو.

جيئن تہ سيپاري 27 سورة النجم آيت نمبر 32 ۾ آهي:

اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓىِٕرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَؕ اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِیْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْۚ فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿۳۲﴾

**ترجموڪنزالايمان**: جيڪي وڏن گناهن ۽ بيحائين کان بچندا آهن مگر ايترو جو گناهه جي ويجهو ويا ۽ رڪجي ويا، بيشڪ تنهنجي رب جي بخشش ڪشادي آهي اهو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو. توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ حمل (جي صورت) ۾ هُئا پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واکاڻ نہ ڪيو اهو خوب ڄاڻي ٿو. جيڪي پرهيزگار آهن.

## آيت سڳوري جو تفسير

حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: گناهه اهو عمل آهي جنهن کي ڪرڻ وارو عذاب جو مستحق ٿي، بهرحال گناهه جا ٻہ قسم آهن صغيره ۽ ڪبيره، **ڪبيره** اهو جنهن جو عذاب سخت هجي ۽ ڪجهه عالمن فرمايو تہ **صغيره** اهو جنهن تي وعيد نہ هجي، **ڪبيره** اهو جنهن تي وعيد هجي، ۽ فواحش اهي جنهن تي حد هجي. آيت ڪريمہ جي حصي "مگر ايترو جو گناهه جي ويجهو ويا ۽ رڪجي ويا." جي حوالي سان فرمائن ٿا: ايترو تہ ڪبائر

جي بچڻ جي برڪت سان معاف ٿي ويجي ٿو. هن آيت جي حصي ”بيشڪ تنهنجي رب جي بخشش ڪشادي آهي اهو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: **شانِ نزول**: هي آيت انهن ماڻهن جي حق ۾ نازل ٿي جيڪي نيڪي ڪندا هئا ۽ پنهنجي عملن جي واکاڻ ڪندا هئا ۽ چوندا هئا اسان جون نمازون، اسان جا روزا اسان جا حج. هن آيت جي حصي ”پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واکاڻ نہ ڪيو.“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني فخريہ طور پنهنجي نيڪين جي واکاڻ نہ ڪيو ڇوتہ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي حالات کان واقف آهي، اهو انهن جي ابتدائي هستي کان آخري آيام(يعني شروع کان وني موت تائين) جا سڀئي حالات ڄاڻي ٿو، هن آيت ۾ ريا، ڏيکاء، خودنمائي جي ممانعت فرمائي وئي آهي پر نعمتِ الٰهي جي اعتراف ۽ اطاعت ۽ عبادت تي خوشي ۽ شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ نيڪين جو ذڪر ڪيو وڃي تہ جائز آهي. هن آيت جي حصي ”اهو خوب ڄاڻي ٿو. جيڪي پرهيزگار آهن.“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ۽ انهيءَ جو ڄاڻڻ ڪافي، اهو ئي جزا ڏيڻ وارو آهي بين تي اظهار ۽ نام نمود جو ڪهڙو فائدو!

(خزائن العرفان ص 973)

## سڀ کان پيارا عمل

خَثْعَم قبيلي جو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: ”اهي اوهان ئي آهيو جيڪي الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجڻ جي دعوا ڪيو ٿا؟“ فرمايائون: ”هائو“ پڇا ڪئي: الله پاڪ جي ويجهو ڪهڙو عمل وڌيڪ پيارو آهي؟

ارشاد فرمايائون: الله پاڪ تي ايمان آڻڻ، عرض ڪيائين: پوءِ ڪهڙو؟ ارشاد ٿيو: صلهءِ رحمي (يعني رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ) ڪرڻ، عرض ڪيائين: پوءِ ڪهڙو؟ ارشاد فرمايائون: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي ڪان منع ڪرڻ.

(مجمع الزوائد ج8 ص277، حديث13454، مسند ابي يعلیٰ ج6 ص55 حديث6804)

## اي ڪعبہ تنهنجي فضا ڪيڏي نہ سٺي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيشڪ افضل ۽ اهم ترين عمل ايمان آهي ۽ تمام نيڪ عملن جا اُخروي فائدا بہ ايمان تي خاتمي سان مَشروط آهن، جيئن بخاري شريف ۾ آهي ”اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْم“يعني اعمال جو دارو مدار خاتمي تي آهي. (بخاري ج 4 حديث 6607) يقيناً جيڪو مسلمان آهي اهو وڏو خوش قسمت آهي مسلمان جي فضيلت جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪعبي مُعَظَّم کي مخاطب ٿي ارشاد فرمايو: ”تون پاڻ ۽ تنهنجي فضا ڪيڏي پياري آهي، تون ڪيڏو نہ عظمت وارو آهين ۽ تنهنجي حُرمت (يعني عزت) ڪيڏي عظيم آهي، ان پاڪ ذات جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ محمد جي جان آهي! الله پاڪ جي ويجهو هڪ مؤمن جي جان ۽ مال ۽ ان ڪان سٺو گمان رکڻ جي حرمت تنهنجي حرمت ڪان بہ وڌيڪ آهي. (ابن ماجہ ج 4 ص 319 حديث 3932) جيڪو بدقسمت ايمان جي دولت ڪان محروم آهي ان کي آخرت ۾ ڪنهن قسم جي ڀلائي ۽ راحت نہ ملندي اهو هميشہ هميشہ جهنم ۾ عذاب ڀوڳيندو رهندو جهنم جي ڪيفيت پڙهو ۽ ڏڄو جيئن تہ

# جهنم جي هنياءُ ڏاريندڙ ڪيفيت

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 853 صفحن جي ڪتاب ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ صفحي 97 کان 98 تي آهي: **اميرالمُومِنِين حضرت عمر بن خطاب** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ **حضرت ڪعبُ الاحبار** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ (مشهور تابعي بزرگ) کي ارشاد فرمايو: اي ڪعب (رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ)! اسان کي ڪجهه ڊپ واريون ڳالهيون ٻڌايو! حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ حڪم تي عمل ڪندي عرض ڪيو: ياامیرالمومنین! جيڪڏهن اوهان قيامت جي ڏينهن ستر انبيائن جا اعمال بہ آڻيو تڏهن بہ محشر جا احوال ڏسي ان کي تمام گهٽ سمجهڻ لڳندؤ. اهو ٻڌي امير المومنين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪجهه دير جي لاءِ مٿو جهڪائي ورتو پوءِ جڏهن (رقت ۾) افاقو ٿيو (يعني ڪمي آئي) تہ ارشاد فرمايائون: اي ڪعب (رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ) وڌيڪ ٻڌايو، عرض ڪيائين: ياامیرالمومنین! جيڪڏهن جهنم مان ڏڳي جي ناسن جيترو حصو اوير پاسي کوليو وڃي تہ اولهہ پاسي موجود شخص جو دماغ ان جي گرمي جي ڪري ٽهڪي ڪري وهي وڃي. ان تي اميرالمومنين (رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ) ڪجهه دير جي لاءِ مٿو جهڪايو پوءِ جڏهن افاقو ٿيو تہ ارشاد فرمايائون: اي ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اڃان ٻڌايو! عرض ڪيائون: يا اميرالمومنين! قيامت جي ڏينهن جهنم ائين گجگوڙ ڪندو جو ڪو مُقَرَّب فِرشتو يا نبي مُرسَل اهڙو نہ هوندو جيڪو گوڏن ڀر ڪري اهو نہ چوي: رَبِّ! نَفسِي نَفسِي! (يعني اي منهنجا رب! مان تو کان پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو) حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ وڌيڪ ٻڌايو: جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو تہ الله پاڪ اَوَّلين ۽ آخِرين (يعني سيني اڳين پوين) کي هڪ ميدان ۾ جمع

ڪندو، پوءِ ملائڪ نازل ٿي صفون ٻَڌندا ان ڪان پوءِ الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: اي جبرائيل جهنم کي وٺي اچ تہ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جهنم کي ائين وٺي ايندا جو ان کي ستر هزار لغامن سان ڇڪيو پئي ويندو، پوءِ جڏهن جهنم مخلوق کان سؤ سالن جي فاصلي تي رهجي ويندو تہ ايتري زور سان گِرجندُو جو مخلوق جون دليون دهلجي وينديون، پوءِ جڏهن ٻيهر گرجندو تہ هر مُقَرَّب ملائڪ ۽ نبي مُرسَل گوڏن ڀر ڪري پوندا، پوءِ جڏهن ٽيون ڀيرو گرجندو تہ ماڻهن جون دليون ڳچي تي اچي وينديون ۽ عقل گهبرائجي ويندا، ايستائين جو حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪندا: ياالٰهي! تنهنجو خليل هجڻ جي صدقي صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيۡهِ السَّلَام عرض گذار ٿيندا: ياالٰهي! مان پنهنجي مُناجات جي صدقي صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪندا: ياالٰهي! تو مون کي جيڪا عزت ڏني آهي ان جي صدقي مان صرف پنهنجي لاءِ سوال ڪيان ٿو، ان مريم رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي لاءِ بہ سوال نٿو ڪيان جنهن مون کي ڄڻيو آهي.

(الزواجر عن اقتراف الكبائر ج1 ص49)

**پياراپيارا اسلامي ڀائرو!** هن روايت مان جهنم جي هولناڪين جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو، هن روايت ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي خوف جو مقام بيان ڪيو ويو آهي، پر ياد رهي تہ انبياءِ ڪرام معصوم آهن ۽ روايت ۾ بيان ڪيل صورت حال قيامت جي ڪجھ وقتن ۾ هوندي نہ تہ انهن کي محشر ۾ ڪا

تڪليف نہ ٿيندي، بلڪ الله پاڪ جي عنايت سان ماڻهن جي شفاعت فرمائيندا ۽ پاڻ وڏي مرتبن تي جلوه فرما هوندا.

مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے
ہو مجھ ناتُواں پر کرم یا الٰہی
جَلادے نہ مجھ کو کہیں نارِ دوزخ
کرم بہرِ شاہِ اُمم یاالٰہی
تُو عطار کو بے سبب بخش مولیٰ
کرم کر کرم کر کرم یاالٰہی
(وسائلِ بخشش ص ۸۳،۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# دنيا جي تمام شين کان بهتر

رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت علي المُرتضيٰ شيرِخدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي ارشاد فرمايو: اي علي! الله پاڪ تنهنجي ذريعي ڪنهن کي سنئين راهه تي آڻي ته هي تنهنجي لاءِ انهن تمام شين کان بهتر آهي جن تي سج اڀرندو آهي. (يعني دنيا جي تمام شين کان بهتر آهي)

(معجم ڪبير، جلد١ ص ٣٣٢، حديث: ٩٩٤)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net